# سنڌ آرڊيننس نمبر LXIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXIII OF 1984

# سنڌ لائيو اسٽاڪ امپروومينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH LIVESTOCK IMPROVEMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1933 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of section 7 of Sindh Act XXII of 1933

3. 1933 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعه 22 جي ترميم

Amendment of section 22 of Sindh Act XXII of 1933

# سنڌ آرڊيننس نمبر LXIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LXIII OF 1984

## سنڌ لائيو اسٽاڪ امپرووومينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE SINDH LIVESTOCK IMPROVEMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لائيو اسٽاڪ امپرووومينٽ ايڪٽ، 1933 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت سنڌ لائيو اسٽاڪ امپرووومينٽ ايڪٽ، 1933 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ لائيو اسٽاڪ امپرووومينٽ ايڪٽ، 1933 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ لائيو اسٽاڪ امپرووومينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 2. سنڌ لائيو اسٽاڪ امپرووومينٽ ايڪٽ، 1933 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو ان جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (5) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:<br>"بشرطيڪ ڪنهن لائسنس جي جاري ڪرڻ يا منسوخي لاءِ تيستائين ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين لائسنس لاءِ درخواست گذار کي، يا جيئن معاملو هجي، ان شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نہ فراهم ڪيو وڃي.". | 1933 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 7 جي ترميم<br>Amendment of section 7 of Sindh Act XXII of 1933 |
| 3. چاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 22 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان وڌايو ويندو:<br>"بشرطيڪ ڪو حڪم يا ڪارروائي تبديل، ختم يا واپس نہ ڪئي ويندي، جيستائين متاثر شخص کي ٻڌڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي.".<br>ڪراچي:<br>تاريخ 30 نومبر، 1983 | 1933 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 22 جي ترميم<br>Amendment of section 22 of Sindh Act XXII of 1933 |

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**